بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلرَّحْمٰنُ ○ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ○ خَلَقَ الْاِنْسَانَ ○ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ○

[illegible]

(القرآن)

مَوْلَایَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَائِمًا اَبَدًا
عَلٰی حَبِیْبِكَ خَیْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

# افتتاح

# جامعه مجدديه دارالارشاد

ٽنڊو سائينداد، ضلع حيدرآباد، سنڌ.

بتاريخ

٢٤ مئي ٢٠٠٢ع مطابق ١٢ ربيع الاول ١٤٢٣ھ

مؤلف ۽ مرتب

عبدہٗ عبدالوحيد جان سرهندي

مهتمم

جامعه مجدديه دارالارشاد، ٽنڊو سائينداد

تعلقه ٽنڊو محمد خان، ضلع حيدرآباد.

[illegible]

| | |
|---|---|
| ڪتاب | افتتاح جامعه مجدديه دارالارشاد |
| تاليف ۽ ترتيب | عبدهٗ عبدالوحيد جان سرهندي عفي عنه |
| تاريخ اشاعت | ۱۲ ربيع الاول ۱۴۲۳ھ/۲۴ مئي 2002ء |
| ڇپيندڙ | دستگير پرنٽنگ پريس<br>شمشاد چيمبر گاڏي کاتو حيدرآباد موبائل نمبر: 0303-6143703 |
| ٽائيٽل ۽ اشاعتي نگران | فقير فيض محمد سڪندري پتافي |
| ڪاپيون | هڪ هزار |
| هديه | دعاءِ خير |

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده ونصلي ونسلم على رسوله الكريم

# افتتاح جامعه مجدديه

## دار الارشاد ٹنڈو سائينداد

بدست مبارڪ اعليحضرت قبله آغا عبدالحميد جان سرهندي مجددي

سجاده نشين درگاه مجدديه ٹنڈو سائينداد.

بتاريخ ١٢ ربيع الاول سنه ١٤٢٣ھ، مطابق ٢٤ مئي سنه ٢٠٠٢ع جمعه جي شام جنهن جي رات ٹنڈو سائينداد ۾ ٿي رهيو آهي. توهان سڀني کي منڪوره بابرڪت محفل ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪجي ٿي اميد ته شرڪت فرمائي ٿورائتو ڪندا

پروگرام:- افتتاح مدرسه 8.30 بجي رات
وعظ و نصيحت 9.00 = =
خيرات ورهائڻ 9.30 = =

مهتمم وداعي الى الخير
عبده عبدالوحيد سرهندي
ٹنڈو سائينداد ضلع حيدرآباد

| نمبر | مضمون | ازقلم | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١ | انتساب | عبده عبدالوحيد عفي عنه | ٢ |
| ٢ | مقدمه | عبده عبدالوحيد عفي عنه | ٣ |
| ٣ | احاديث نبوي | عبده عبدالوحيد عفي عنه | ٤ |
| ٤ | مڪتوبات شريف | عبده عبدالوحيد عفي عنه | ٦ |
| ٥ | اسلامي درسگاهن جي مختصر تاريخ | عبده عبدالوحيد عفي عنه | ٨ |
| ٦ | امام العارفين آغا غلام علي جان مجددي | حافظ بشير احمد ابڙو ڏوڪري | ٢٠ |
| ٧ | ديني علم قرآن و سنت جي روشنيءَ ۾ | مولانا مير محمد مقبول سومرو | ٢٨ |
| ٨ | ديني علم جي فضيلت | مولانا مير محمد مقبول سومرو | ٣٠ |


## حصهٔ شاعري


| نمبر | مضمون | ازقلم | صفحو |
|---|---|---|---|
| ٩ | مناجات حضرت صديق اڪبر | عبده عبدالوحيد عفي عنه | ٣٢ |
| ١٠ | نعت شريف، تُنهجو نور انور | عبده عبدالوحيد عفي عنه | ٣٤ |
| ١١ | نعت شريف، اسان جو پاڪ پيغمبر | عبده عبدالوحيد عفي عنه | ٣٥ |
| ١٢ | غزل توصيفي (1) | مولوي امام الدين | ٣٦ |
| ١٣ | غزل توصيفي (2) | مولوي امام الدين | ٣٧ |
| ١٤ | افتتاح جامعه مجدديه تي چيل منقبت | محمد نصير، فرزند حاجي غلام نبي مهيسر | ٣٩ |
| ١٥ | مخلصانه منقبت | قاضي حافظ عزيز الله مهيسر | ٤١ |
| ١٦ | جشن دستارِ فضيلت تي چيل اشعار | حاجي غلام نبي مهيسر | ٤٢ |
| ١٧ | مُناجات برائي جامعه مجدديه | مير محمد مقبول سومرو | ٤٥ |

٧٨٦
٩٢

# انتساب

آئون پنهنجي هن ڪتاب افتتاح جامعه مجدديه کي پنهنجي جدِاعليٰ، قطب رباني، محبوب سبحاني، غوث صمداني، **جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني** رحمة الله عليه جن جي نالي مبارڪ سان منسوب ڪريان ٿو.

سندن ذات اقدس جي نسبت سان هن مدرسه جو نالو

## جامعه مجدديه

تجويز ڪجي ٿو.

**گر قبول افتد زهے عز و شرف**

**بقلم عبدالوحيد عفي عنه**

**24-5-2002**

٤٨٦
٩٢

# مقدمه

جامعه مجدديه جي افتتاح جي موقعي تي، افتتاح کان فقط هڪ هفتو اڳ ۾ دل ۾ خيال آيو ته هن تاريخي موقعي تي هڪ مختصر ڪتاب لکي شايع ڪجي. ارادو پڪو ڪيم ته اهڙي ڪرڻ بي حد ضروري آهي. وقت جي قلت ۽ ڪمن جي ڪثرت باوجود الله تعاليٰ جي ذات اقدس تي توڪل ڪندي سندس حبيب ڪريم جو نالو وٺي ڪتاب جو ڪم شروع ڪيم.

رات ڏينهن مسلسل ڪوشش ڪري ڇهن ڏينهن اندر هيءَ ڪتاب لکي تيار ڪيم. ان کان پوءِ اشاعت لاءِ ڪوشش ڪيم. بيحد مختصر وقت يعني فقط ٽن ڏينهن اندرهي ڪتاب افتتاح جامعه مجدديه پريس حيدرآباد مان ڇپرائي شايع ڪيم. قوي اميد اٿم ته منهنجي هيءَ ڪيل ڪوشش پڙهندڙن کي پسند ايندي ۽ مون کي دعاءِ خير ۾ ياد ڪندا.

افتتاح جي مناسبت سان هن ڪتاب جو نالو افتتاح جامعه مجدديه تجويز ڪيم. پڙهندڙن جي سهوليت خاطر هن ڪتاب جا ٻه حصا ڪيا اٿم. پهريون حصو نثر ۾ آهي ۽ ٻيون حصو نظم ۾ آهي.

فقط والسلام

**بقلم فقير عبدالوحيد مجددي عفي عنه**

**24-5-2002**

# احاديث نبوي

(١) عَنْ عَبْدِاللهِ بْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ لَا تُكْثِرُوا الْكَلَامَ بِغَيْرِ ذِكْرِ اللهِ فَإِنَّ كَثْرَةَ الْكَلَامِ بِغَيْرِ ذِكْرِ اللهِ قَسْوَةٌ لِلْقَلْبِ وَإِنَّ اَبْعَدَ النَّاسِ مِنَ اللهِ الْقَلْبُ الْقَاسِيْ. (رواه الترمذي)

ترجمو: حضرت سيدنا ابنِ عُمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو تہ: الله تعاليٰ جي ذڪر کان بغير نہ ڳالهايو ڇو تہ ان سان دل ۾ قساوت (سختي) پيدا ٿئي ٿي ۽ بيشڪ ماڻهن مان اهو ماڻهو الله تعاليٰ کان زياده پري هجي ٿو جنهن جي دل ۾ قساوت هجي ٿي. (جامع ترمذي شريف)

(٢) عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَنْ طَلَبَ الدُّنْيَا حَلَالًا اِسْتِعْفَافًا عَنِ الْمَسْئَلَةِ وَسَعْيًا عَلٰى اَهْلِهٖ وَتَعَطُّفًا عَلٰى جَارِهٖ لَقِيَ اللهَ تَعَالٰى يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَوَجْهُهٗ مِثْلَ الْقَمَرِ لَيْلَةَ الْبَدْرِ وَمَنْ طَلَبَ الدُّنْيَا حَلَالًا مُكَاثِرًا مُفَاخِرًا مُرَائِيًا لَقِيَ اللهَ تَعَالٰى وَهُوَ عَلَيْهِ غَضْبَانُ (رواه البيهقي في شعب الايمان وابونعيم في الحلية)

ترجمو: حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو تہ جيڪو شخص حلال طريقي سان دنيا جي دولت انهيءَ مقصد لاءِ حاصل ڪرڻ چاهي ٿو تہ اُن کي ٻين کان سوال ڪرڻو نہ پوي ۽ پنهنجي اهل و عيال لاءِ روزي، آرام ۽ آسايش جو سامان مهيا ڪري ۽ پنهنجي پاڙيسرن سان احسان ۽ سهڻو سلوڪ ڪري تہ قيامت جي ڏينهن اهو شخص الله تعاليٰ جي حضور ۾ ان شان سان حاضر ٿيندو جو اُن جو چهرو چوڏهين جي چنڊ وانگر روشن ۽ چمڪندڙ هوندو ۽ جيڪو ماڻهو حلال طريقي سان دنيا جي دولت انهيءَ مقصد لاءِ حاصل ڪرڻ چاهي ٿو تہ اهو وڌو

مالدار ٿئي ۽ دولت مندي جي ڪري ٻين جي مقابلي ۾ پنهنجو شان بلند ڪري ڏيکاري ۽ ماڻهن جي نظرن ۾ وڏو بڻجڻ چاهي تو ته قيامت جي ڏينهن اهو شخص الله تعاليٰ جي حضور ۾ ان حال ۾ حاضر ٿيندو جو الله تعاليٰ ان تي سخت ناراض هوندو. اها حديث شريف بيهقي شريف ۽ ابونعيم روايت ڪئي آهي.

(٣) عَنْ عَبْدِالرَّحْمٰنِ بِنْ غَنْمٍ وَاَسْمَآءِ بِنْتِ يَزِيْدِ اَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ خِيَارُ عِبَادِ اللهِ الَّذِيْنَ اِذَا رَاَوْا ذُكِرَ اللهُ وَشِرَارُ عِبَادِ اللهِ الْمَشَّاؤُوْنَ بِالنَّمِيْمَةِ الْمُفَرِّقُوْنَ بَيْنَ الْاَحِبَّةِ الْبَاغُوْنَ الْبُرَآءَ الْعَنَتَ

ترجمو: حضور ﷺ جن ارشاد فرمايو: الله تعاليٰ جا نيڪ ٻانها اهي آهن جن جي ڏسڻ سان الله تعاليٰ ياد اچي وڃي ۽ بدترين ٻانها اهي آهن جيڪي چغليون هڻن ٿا ۽ دوستن جي وچ ۾ جدائي پيدا ڪن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ ڪوشش ۾ آهن ته الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن کي ڪنهن گناهه يا مصيبت ۾ مبتلا ڪن.

(٤) عَنْ عُثْمَانَ ابْنِ عَفَّانٍ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ (رواه البخاري)

ترجمو: حضرت عثمان ابن عفان رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: توهان مان ڀلو ماڻهو اهو آهي جنهن پاڻ قرآن ڪريم پڙهيو ۽ ٻين کي قرآن جو علم پڙهايو.

## مڪتوب شريف نمبر ٢٦٨ حصہ چوٿون، دفتر اول

## از مڪتوبات شريف امام رباني مجدد الف ثاني رحمة الله عليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَسَلَامٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى وَالْمَسْئُوْلُ مِنَ اللّٰهِ سُبْحَانَهٗ سَلَامَتُكُمْ وَعَافِيَتُكُمْ وَثَبَاتُكُمْ وَاسْتِقَامَتُكُمْ

ترجمہ: سڀ تعريفون الله لاء آهن ۽ اُن جي برگزيده بندن تي سلام آهي ۽ توهان جي تندرستي، عافيت ۽ ثابت قدمي ۽ استقامت الله تعاليٰ کان گهرجي ٿي.

چو تہ علم جي وراثت جو بحث درميان ۾ آيو آهي، ان لاءِ چند ڳالهيون علم بابت وقت جي تقاضا مطابق لکجن ٿيون. حديث شريف ۾ ارشاد آهي تہ: اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ[1] ترجمہ: نبين سڳورن جا وارث عالم آهن. جيڪو علم نبين سڳورن جو باقي رهيو آهي، اهو ٻہ قسم آهي: (١) علم احڪام (٢) علم اسرار ۽ عالم وارث اهو شخص آهي جنهن کي انهن ٻنهي علمن مان حصو حاصل هجي، نہ اهو شخص جنهن کي هڪ قسم جو علم نصيب هجي ۽ ٻيو علم اُن جي نصيب ۾ نہ هجي. اها ڳالهہ وراثت جي خلاف آهي، چو تہ وارث پنهنجي موروث (ويجهي عزيز) جي سڀ قسم جي ورثي (ملڪيت) مان حصو کڻي ٿو نہ بعض کي ڇڏي بعض مان ۽ جنهن شخص کي بعض مُعين (ملڪيت) مان حصو ملي ٿو، اهو قرض کهرندڙ وانگر آهي جو اُن جو حصو اُن جي شيء سان تعلق رکي ٿو.

۽ سرورِ ڪائنات عليه وعليٰ آله الصلوٰة والسلام جن ارشاد فرمايو: عُلَمَاءُ اُمَّتِيْ كَاَنْبِيَاءِ بَنِيْ اِسْرَآئِيْلَ ترجمہ: منهنجي امت جا عالم بني اسرائيل جي نبين وانگر آهن. انهيءَ مان مراد علماء وارث

---

(١) مذڪوره حديث شريف کي احمد، ترمذي، ابوداؤد، ابنِ ماجه، دارمي روايت ڪيو آهي. (مشڪواة شريف)

آهن نہ غلماءِ غرماءِ، جن بعض ملڪيت مان حصو ورتو آهي. ڇو تہ وارث ڪي قربت (ويجهڙائي) جي لحاظ ڪان موروث وانگر ڇٽي سگهو ٿا. برخلاف قرض گهرندڙ جي جو اهو ان ڪان خالي آهي. پوءِ جيڪو شخص وارث ناهي اهو عالم بہ نہ آهي مگر اهو جو اُن جي علم ڪي هڪ قسم ۾ بند ڪريو ۽ مثال طور ائين چئون تہ علم احڪام جو عالم آهي ۽ عالم مطلق اهو آهي جيڪو وارث آهي ۽ ان ڪي ٻنهي قسمن جي علم مان مڪمل حصو حاصل هجي....... الخ ملخصاً.

هيءُ مڪتوب شريف (خط) مفصل ۽ جامع آهي. اسان فقط علم جو موضوع انهيءَ مان انتخاب ڪيو آهي.

بقلم عبد مجدّدي عفي عنه

# اسلامي درسگاهن جي مختصر تاريخ

## مڪه مڪرمه ۾ اسلام جو پهريون درسگاهه

## (دار ارقم)

اسلام ۾ تعليم ۽ تربيت تي خاص طور تي زور ڏنو ويو آهي ڇو ته اسلام گويا علم جو نالو آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ ڪفر سراسر جهالت آهي. قرآن حڪيم ۾ علم جو وڏو تاڪيد آيو آهي. ايتري قدر جو قرآن ڪريم جي جيڪا پهرين سورة نازل ٿي، اها به "اقرا" سان شروع ٿئي ٿي. ان مان تعليم جي اهميت ۽ افاديت جو چڱيءَ طرح اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن اسلام جي تبليغ جو ڪم مڪه شريف کان شروع فرمايو ڇو ته مڪه شريف سندن وطن مولود هو. اسلام جي تبليغ شروع ۾ خفيه طور هلندي هئي. ان دور ۾ مڪي جا مشرڪ اسلام جا سخت دشمن هوندا هئا ۽ اهي مسلمانن کي طرحين طرحين جون تڪليفون ڏيندا هئا. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن دار ارقم کان تبليغ جو سلسلو شروع فرمايو. ان اعتبار کان دار ارقم اسلام جو پهريون درسگاهه چئي سگهجي ٿو. اهو درسگاهه مڪي پاڪ ۾ ڪوهه صفا تي قائم ڪيو ويو هو. هن درسگاهه ۾ مسلمان صحابي سڳورا گڏ ٿيندا هئا ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کان دين جي تعليم حاصل ڪندا هئا. ان کان پوءِ اهي خود اسلام جي تبليغ ڪندا هئا. دار ارقم ۾ ٽن سالن تائين تعليم ۽ تربيت جو ڪم جاري رهيو. سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي خصوصي دعا ۽ توجه سان حضرت فاروقِ اعظم رضي الله عنه به دار ارقم ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو.

# مدينہ منوره ۾ مسجد نبوي تعليم جو مرڪز

مسجد نبوي سان گڏ هڪ ٿلهو هوندو هو جنهن ۾ اصحابي سڳورا رضي الله عنهم رهندا هئا. اهي اصحابي سڳورا رضي الله عنهم اهڙا هوندا هئا جن کي رهڻ لاءِ پنهنجو گهر ڪونہ هوندو هو. اهي اڪثر غريب هوندا هئا. ان ٿلهي جو نالو "صفہ" هو ۽ ان ۾ جيڪي رهندا هئا انهن کي "اصحاب صفہ" سڏيندا هئا. انهن جو تعداد ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن وڌ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن انهن مان ڪو سفر تي هليو ويندو هو. حافظ ابونعيم انهن جو تعداد هڪ سؤ آڏو آهي ۽ انهن جا اسماء گرامي بہ لکيا آهن. اهي اصحابي سڳورا رضي الله عنهم مسجدِ نبوي ۾ دين جون ڳالهيون سکندا هئا. جڏهن رات ٿيندي هئي تہ اهي اتي ئي سمهي پوندا هئا. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن بہ اڪثر انهن سان گڏ وهندا هئا ۽ انهن کي ديني ڳالهيون سيکاريندا هئا. انهن جي سرڪاري خزاني مان امداد ٿيندي هئي. ان کان علاوه صاحبِ ثروت ماڻهو بہ انهن جي سار سنڀال لهندا هئا. ائين بہ آيو آهي تہ اهي پاڻ بہ مزدوري وغيره ڪري پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندا هئا. جڏهن ڪٽل لهندي هئي تہ باغن وارا اصحابي سڳورا انهن لاءِ ڪٽل آڻيندا هئا ۽ ان جا ڇڳا مسجد نبوي ۾ نوڙين سان ٻڌي ڇڏيندا هئا. ضرورت وقت اهي ان مان کائيندا هئا. انهن کي ڪڏهن ڪڏهن دعوت ڏئي بہ اصحابي سڳورا رضي الله عنهم وٺي ويندا هئا. اصحاب صفہ جي حالات مان معلوم ٿئي ٿو تہ عهدِ نبوي ۾ مسجد نبوي تعليم جو مرڪز هئي. مسجد نبوي کان علاوه ٻيون بہ مسجدون هونديون هيون. اتي بہ ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيو ويندو هو. مطلب تہ اسلام ۾ تعليم جي وڏي اهميت آهي ۽ هر دور ۾ مسلمانن ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪيو.

# بغداد شريف

عباسي خاندان جو پنجون حاڪم ابوجعفر هارون الرشيد ربيع الاول سن١٧٠هه ۾ اسلامي سلطنت جو سربراهه بڻيو. هن جي حڪومت جو زمانو اسلام جي تاريخ جو سونهري باب آهي. ان دور ۾ اسلامي سلطنت علمي، ادبي ۽ تمدني ترقي ۾ اوج تي پهچي چڪي هئي. قوت ۽ شان و شوڪت جي اعتبار کان دنيا جي ڪابه قوم مسلمانن جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. دارالخلافت بغداد دنيا جو بهترين شهر ڪوٺيو ويندو هو. هتي علوم ۽ فنون جي اڪابرن ۽ ماهرن جو هر وقت ميڙو لڳو پيو هوندو هو. اهو ئي سبب آهي جو علم و ادب، صنعت و حرفت ۽ ٻئي قسم جي فن وڏي ترقي ورتي. هتي ان دور جي علمي جهلڪ پيش ڪئي وڃي ٿي.

هارون الرشيد جي دربار ۾ هر صفت جا اربابِ ڪمال موجود رهندا هئا. ان ڳالهه جو اندازو اتان لڳائي سگهجي ٿو ته ان جو وزير برامڪه هو جنهن جي علمي لياقت جي ساري دنيا ۾ هاڪ هلندي هئي. هارون الرشيد جي حڪومت ۾ حضرت امام اعظم ابوحنيفه جو جليل القدر شاگرد قاضي ابويوسف رحه قاضي القضاة جي عهدي تي فائز هو. وقت جو حاڪم علماء ڪرام ۽ فضلاء عظام جي وڏي عزت رکندو هو ۽ سدائين ڪيس انتهائي قدر و منزلت جي نگاهه سان ڏسندو هو. هن مختلف علوم ۽ فنون کي ترقي وٺائڻ لاءِ هڪ مستقل ادارو قائم ڪيو هو جنهن کي بيت الحڪمت جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن اداري ۾ مختلف ملڪن ۽ مذهبن جا عالم ڪم ڪندا هئا. اهي عالم ۽ محقق رات ڏينهن يوناني، فارسي ۽ سنسڪرت وغيره ڪتابن جا عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪندا هئا. شعر و شاعري کي هن عهد ۾ وڏي ترقي

ملي. برامڪہ جي سرپرستي سبب عروس البلاد بغداد شاعرن جو مرڪز بڻجي ويو هو. هارون جو دور علمِ طب جي ميدان ۾ خاص طور تي مشهور آهي. چون ٿا تہ طب جي فن جيتري ترقي هن حڪومت ۾ ڪئي، شايد ئي ڪنهن ٻئي خليفي جي زماني ۾ ٿي هجي. هن هندستان جا حڪيم گهرايا ۽ انهن کي مختلف شفاخانن ۾ اعليٰ عهدا ڏيئي مقرر ڪيائين. اهڙي طرح هندستاني علم ۽ فن خاص طور تي رياضي طب ۽ علمِ نجوم جا گهڻي ڪان گهڻا ڪتاب ترجمو ڪرايا ويا.

هارون الرشيد جي وقت ۾ امام مالڪ رحہ، امام محمد رحہ، حضرت سفيان ثوري رحہ، ابويوسف ابن سماڪ رحہ جهڙا محدث ۽ فقيہ موجود هئا. انهن ڪان علاوه علامہ واقدي ۽ ابنِ قتيبہ جهڙا تاريخ دان ۽ علامہ اصمعي، علامہ ڪسائي ۽ علامہ خليل بن احمد جهڙا علمِ لغات جا ماهر هئا.

بغداد جون مسجدون علم جو مرڪز هيون. انهن ۾ ممتاز رتبي جا امام، محدث، مفسر، قاري ۽ حافظ درس ڏيندا هئا. ان زماني ۾ ڪو بہ شخص ايستائين فن جو ماهر تسليم نہ ڪيو ويندو هو جيستائين ان بغداد مان فضيلت جي سند نہ ورتي هجي. هر دور ۾ بغداد شريف جو نالو پوري دنيا ۾ علم ۽ روحانيت جي ڪري مشهور آهي.

غوث الاعظم محبوب سبحاني حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليہ جن جي ذات اقدس بغداد شريف سان نسبت رکي ٿي. سندن علوم، فيوضات ۽ برڪات کان پوري دنيا مستفيض آهي. سندن تصنيفات ۽ خطبات مان سندن ظاهري ۽ باطني علوم جي معلومات حاصل ٿئي ٿي.

# سرهند شريف

برصغير ۾ سرهند شريف کي بي حد اهميت حاصل آهي. هيءُ شهر ظاهري ۽ باطني علوم جو مرڪز رهيو. هيءُ اهو عظيم شهر آهي جنهن جي علوم فيوضات ۽ برڪات کان پوري دنيا مشرق کان مغرب تائين مستفيض ٿي. هن شهر جي تعريف ۾ هڪ بزرگ فارسي ۾ هيءُ شعر ارشاد فرمايو آهي:

سرهند مگو ڪہ رشڪِ طور است
خار و خس وهمہ ز نور است

ترجمہ: سرهند شريف کي فقط سرهند نہ چئو ڇو تہ هن جي عظمت تي جبل طورِ سينا کي رشڪ آهي. هن شهر جا سمورا ڪنڊا ۽ ڪک نورانيت سان ڀريل آهن.

هن بابرڪت شهر ۾ ٻئي هزار سال جو مجدّد، وقت جو قيوم، قطب رباني محبوب سبحاني امام رباني مجدّد الف ثاني جي ولادت باسعادت سن ٩٧١هہ ۾ ٿي. سندن اسمِ گرامي حضرت احمد سرهنديؒ آهي ۽ سندن والد شريف جو اسمِ گرامي حضرت عبدالاحد فاروقي رحمة الله عليه آهي. حضرت امام رباني حديث، فقہ ۽ تصوف جا ڪجهہ ڪتاب پنهنجي والد ماجد وٽ پڙهيا. ان کان بعد پاڻ مولانا ڪمال ڪشميري، مولانا يعقوب ڪشميري ۽ مولانا بهلول بدخشاني کان علم حاصل ڪيائون. ظاهري علم جي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائون. ڪين اتفاق سان آگره وڃڻو پيو. اتي سندن ملاقات ابوالفضل فيضي سان ٿئي پاڻ انهن ٻنهي ڀائرن کان بيزاري اختيار ڪيائون. ڇو تہ اهي مذهب جي معاملي ۾ حد لنگهي ويا هئا انهن تي آزاد خيالي غالب هئي. طريقت ۾ حضرت امام رباني جو پهريون مرشد سندن والد گرامي هو. جڏهن سندن والد

ماجد هن فاني دنيا مان وصال ڪري ويو تہ پوءِ پاڻ حضرت خواجہ باقي بالله دهلوي قدس سره العزيز جي طريقي ۾ داخل ٿيا. اهڙي طرح پاڻ سرهند شريف ۾ سلسلہ عاليہ نقشبنديہ مجدديہ جو بنياد رکيائون. اهو سن ١٠٠٧ھ جو واقعو آهي. ان زماني ۾ اڪبر بادشاهہ پوري هندستان ۾ لاديني پکيڙي ڇڏي هئي. اڪبر بادشاهہ هندستان ۽ افغانستان تي اثر ڄمائي چڪو هو. حضرت امام رباني رحہ جي رڳن ۾ فاروقي خون جنبش ڪاڏي ۽ پاڻ لاديني قوتن جي خلاف عملي جهاد شروع ڪيائون. اُن دوران اڪبر بادشاهہ مري ويو. ان جي جاءِ تي سندس پٽ جهانگير تخت نشين ٿيو. هن دور ۾ بہ اڪبر جا لاديني نظريا قائم رهيا پر حضرت امام رباني قدس سره العزيز جهانگير جو سخت مقابلو ڪيو. ايتري قدر جو حضرت امام رباني رحہ کي قيد جون تڪليفون ڪاٽيون پيون. انهن حالتن ۾ هندستان ۾ جهانگير جي خلاف ترٿلو مچي ويو ۽ ان جا امير ۽ وزير بغاوت ڪرڻ لڳا. آخرڪار جهانگير مجبور ٿي پيو ۽ هن غير ديني حرڪتون ڇڏي حضرت امام رباني سان صلح ڪيو. حضرت امام رباني رحہ کيس اسلام جي صحيح تعليم کان آگاهہ ڪيو. حضرت امام رباني رحہ جو اهو واقعو تجديدي ۽ اصلاحي ڪارنامو آهي. حضرت امام رباني رحہ جي تبليغ ڏاڍي اثرائتي هوندي هئي. جيڪڏهن سندن تبليغي سرگرمين جو باريڪ بينيءَ سان جائزو وٺبو تہ اسان کي سندس تبليغ جا چار پهلو نمايان نظر ايندا. اهي هن طرح آهن:

(١) عوام الناس سان ديني ۽ اصلاحي رابطو
(٢) متوسط طبقي سان ديني ۽ اصلاحي رابطو
(٣) اميرائي طبقي سان ديني ۽ اصلاحي رابطو
(۴) وقت جي بادشاهہ سان اصلاحي رابطو.

حضرت امام رباني رحہ جون تبليغي سرگرميون فقط هندستان،

افغانستان ۽ وسطي ايشيا تائين محدود نہ رهيون، پر سندن تبليغي ڪاوشن عرب، شام ۽ ترڪيءَ ۾ بہ رنگ لاتو. حضرت امام رباني رحہ ٦٣ سالن جي ڄمار ۾ مؤرخہ ٢٨ صفر المظفر سن١٠٣۴ھ ۾ وصال فرمايو. سندن آخري آرام گاهہ سرهند ۾ آهي.

حضرت امام رباني قدس سره العزيز جي وفات حسرت آيات کان بعد سندن صاحبزادن ۽ خليفن سندن ڏنل پيغام کي اڳتي وڌايو.

سرهند شريف ۾ امام رباني ۽ سندس اولاد جي قيام سان سرهند شريف هڪ عظيم ديني ادارو بنجي ويو. پوري هندستان ۽ وچ ايشيا جي ماڻهن دارالارشاد سرهند شريف جي ديني مدرسي مان فيض ۽ علم پرايو. حضرت امام رباني صاحب پاڻ ۽ سندن فرزند خصوصًا حضرت خواجہ محمد معصوم رحمة الله عليه بہ بهترين مدرس هئا. پاڻ تفسير شريف، حديث شريف، فقهہ حنفي ۽ تصوف اسلامي جو درس ڏيندا هئا.

الله تعالیٰ ۽ ان جي حبيب پاڪ جو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي اولاد تي اهو ڪرم آهي تہ هر دور ۾ انهن بزرگن دين جي خدمت ڪئي آهي.

# باب الاسلام سنڌ

سنڌ سدا بهار ۽ خوش نصيب خطو آهي جو تہ ڏکڻ ايشيا ۾ سڀ کان پهريائين هتي اسلام آيو. ان مناسبت جي ڪري سنڌ تي باب الاسلام جو لقب پئجي ويو. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ عرب سوداگر قديم زماني کان وڻج واپار جي سلسلي ۾ ڏکڻ ايشيا ڏانهن ايندا ويندا هئا. انهن جي ذريعي هتان جا ماڻهو دين اسلام جي لاثاني تعليم کان واقف ٿي چڪا هئا پر هتي اسلام جي باقاعده اشاعت ۽ تبليغ تڏهن شروع ٿي جڏهن عرب سپہ سالار غازي محمد بن قاسم رحہ سنڌ فتح ڪئي. هن مجاهد سن٧١٢ع ۾ هتان جي هندو راجا ڏاهر کي ذلت آميز شڪست ڏني. اسلامي فتوحات کان پوءِ سنڌ ۾ صوفياءِ ڪرام تشريف فرما ٿيندا رهيا ۽ انهن الله وارن درويشن ڪردار ۽ گفتار جي اعليٰ خصلتن سان هتان جي معاشري ۾ علمي انقلاب پيدا ڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ انهن جي تبليغ ۽ تعليم جو اهو نتيجو نڪتو جو لکن جي تعداد ۾ ماڻهو شرڪ ۽ ڪفر جي اونداهي مان نڪري اسلام جي روشني ۾ داخل ٿيا.

قرآن پاڪ جو پهريون ترجمو: سنڌ کي پنهنجي ٻولي آهي ۽ اها قديم زماني کان ماڻهو ڳالهائيندا ۽ سمجهندا رهن ٿا. سنڌي ٻولي وڏو ادبي ذخيرو رکي ٿي. سنڌي زبان ڪيترن ئي لهجن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ساهتي ان جو معياري لهجو آهي ۽ ان ئي لهجي ۾ علمي، ادبي ڪم ٿئي ٿو. اسلام جي اچڻ کان پوءِ سنڌي زبان وڏيڪ ترقي يافتہ بنجي وئي. عربن جي دور ۾ عربيءَ سان گڏ سنڌيءَ کي بہ اهميت حاصل رهي. سنڌي زبان کي اهو اعزاز حاصل آهي جو سڀ کان اول قرآن پاڪ جو سنڌي ٻولي ۾ ترجمو لکيو ويو. مذڪوره ترجمو منصوره جي هڪ عالم دين لکي تيار ڪيو.

# سنڌ ۾ حضرت سراج الاولياء ۽ اُن جي اولاد جون ديني خدمتون

سنڌ جي ديني درسگاهن ۽ روحاني مرڪزن ڪي جيڪڏهن هڪ سرسري نظر سان ڏٺو وڃي تہ صوبہ سنڌ جي هر علائقي ۾ هر دؤر اندر سنڌ جي عالمن، حافظن ۽ ڪامل بزرگن دين جي عظيم خدمت ڪئي آهي ۽ اڄ تائين انهن جو اهو فيض جاري آهي.

سنڌ جي سرزمين عالمن ۽ ڪاملن سان ڀريل آهي. هتي جي بزرگن پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار سان مخلوقِ خدا کي صراطِ مستقيم تي هلائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. سنڌ جي هر علمي ۽ ادبي خاندان پنهنجي توفيق مطابق پنهنجي مُخلصن، مريدن ۽ عام مسلمانن جو اصلاح فرمايو. الله تعاليٰ سنڌ جي سيني بزرگن کي انهن ديني ڪم سرانجام ڪرڻ تي اجرِ عظيم عطا فرمائي، آمين.

سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي سرواڻ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي اولادمان هڪ عظيم علمي ۽ روحاني بزرگ سراج الاولياء حضرت خواجہ عبدالرحمٰن جان سرهندي مجددي رحمة الله عليه جن سن١٣٠٥هہ ۾ ضلع حيدرآباد جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ٽنڊو شريف ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي، جو تہ حضرت سراج الاولياء رحمة الله عليه کي سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن کان مدينہ منوره ۾ حڪم مليو تہ توهان سنڌ ۾ وڃو. انهيءَ لاءِ تہ سنڌ وارن کي توهان جي ضرورت آهي. حسب حُڪم پاڻ سنڌ ۾ پهتا.

سندن آمد سان ٽنڊو شريف جو هڪ ننڍو ڳوٺ سنڌ جو علمي ۽ روحاني مرڪز بنجي ويو. دور دراز علائقن کان مريد مخلص ۽ مخلوقِ خدا سندن عُلوم، فيوضات ۽ برڪات کان مستفيض ٿيندي هئي.

سنڌ جا مشهور عالم فقيه، محدث ۽ مفسر حضرت صاحب جي درگاهه تي حاضري لاءِ ايندا هئا. انهن عالمن جا ٻه طبقا هوندا هئا. پهريون طبقو حضرت صاحب جا مُريد هوندا هئا ۽ ٻيون طبقو مريد نه هئا پر حضرت صاحب جن سان محبت ۽ عقيدت رکندا هئا.

حضرت صاحب سراج الاولياء رحمة الله عليه جن کان جيڪڏهن ڪوبه ڏکئي ۾ ڏکيو ديني مسئلو معلوم ڪيو ويندو هو ته پاڻ هڪ هڪ سوال جي جواب ۾ ٨-١٠ جواب ٻڌائيندا هئا. پوءِ جيڪي عالم سندن مُريد هوندا هئا، اهي چوندا هئا ته اسان جا حضرت صاحب علم جا ماهر آهن. اهي پنهنجي علمي صلاحيت سان توهان کي جواب ڏئي مطمئن ڪن ٿا ۽ جيڪي عالم سندن مريد نه هوندا هئا، اهي چوندا هئا ته علم ۾ اسين ٻه گهٽ ناهيون، توهان جو حضرت صاحب پنهنجي ڪرامت سان اسان کي ايترا علمي جواب ڏئي مطمئن ڪن ٿا.

حضرت صاحب جن درس تدريس پنهنجي خانقاهه شريف جي عاليشان عمارت ۾ ڏيندا هئا. سندن خانقاهه مان اڄ تائين هڪ تمام وڏو هال ۽ هڪ پاسي وارو ڪمرو موجود آهي. باقي اڳيان وارو وسيع ورانڊو ۽ هڪ ڪمرو اوپر طرف وارو ڪِري پيو آهي. اها شاندار عمارت اڄ تائين موجود آهي. اُن جي زيارت هر ماڻهو ڪري سگهي ٿو. حضرت صاحب جن پاڻ مڪتوبات امام رباني جو درس ڏيندا هئا.

# سنڌ جو هڪ علمي مرڪز درگاه ٽنڊوسائينداد

سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جو فيض مشرق کان مغرب تائين پوري دنيا ۾ آهي. مذڪوره سلسلہ جي هڪ عظيم روحاني درگاه، خانقاه عاليہ ٽنڊوسائينداد ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ آهي. هن درگاهہ جي ابتدا سن١٣٠٦ھ ۾ تاج الاولياء حضرت خواجہ محمد حسن جان مُجدّدي جي آمد سان ٿي. حضرت خواجہ صاحب جن هڪ ڪشادي عظيم الشان مسجد شريف تعمير ڪرائي. ان مسجد جو سنِ تعمير هن مصرع مان نڪري ٿو:

واه واه افضلِ مساجد شد

١٣٤٣ھ

حضرت صاحب جن انهيءَ جامع مسجد جي پرسان هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو. انهيءَ مدرسہ ۾ مناظر اسلام حضرت علامہ عبدالقيوم بختيارپوري سندس پاءِ مولانا عبدالرؤف بختيارپوري، حضرت علامہ خيرِ محمد مڪسي، مخدوم حسن الله صديقي پاٽ شريف وارا مولوي محمود پڪهيہ صاحب شاهہ پُور وارو ۽ ٻين سنڌ جي برک عالمن هن مدرسہ ۾ درس ڏنو. هن مدرسہ مُجدّديہ جي شاگردن مان سرفهرست حضرت خواجہ صاحب جا فرزند ۽ ولي عهد صاحب العلم والعرفان آغا عبدالله جان المعروف بہ حضرت شاهہ آغا رحمة الله عليه جن آهن. علاوه ازين ٻيا ڪيترا ئي صاحبزادا ۽ مخلص هن مدرسہ مُجدّديہ مان فارغ التحصيل ٿيا.

الحمدلله هن وقت خدا تعالیٰ جي خاص فضل ڪرم، سرورِ ڪائنات جي فيضانِ نظر ۽ اسان جي نقشبندي بزرگن جي خصوصي توجه سان راقم الحروف هڪ عظيم ديني درسگاهہ جامعہ مُجدّديه دارالارشاد ٽنڊوسائينداد جي نالي سان هڪ ديني ادارو قائم ڪيو

آهي. هن مدرسہ جو افتتاح والد معظم اعليٰ حضرت قبلہ آغا عبدالحميد
جان مَجدّدي صاحب جن انشاء الله تعاليٰ ٢٤ مئي سن٢٠٠٢ع تي ڪرڻ
فرمائيندا. اها بابرڪت رات ١٢ ربيع الاول سن١٤٢٣هہ جي تي رهي
آهي.

آخر ۾ توهان سڀني حاضرين محفل ۽ هن ڪتاب پڙهندڙن کي
گذارش ٿي ڪجي تہ هن عاجز جي حق ۾ دعاءِ خير ڪرڻ فرمائن تہ
رب العالمين بطفيل رحمة للعلمين مون احقر ۽ عاجز جي هيءَ مخلصانہ
ڪوشش پنهنجي دربارِ اقدس ۽ پنهنجي حبيب جي دربارِ اقدس ۾
قبول فرمائي ۽ مون کي دنيا ۽ آخرت ۾ اجرِ عظيم سان نوازيو وڃي ۽
هي جامعه مجدّديه ٽنڊو سائينداد قيامت تائين آباد هجي ۽ اڪيلي
هي ادارو اهلِ سنت والجماعت جو مرڪزي ادارو ثابت ٿئي. منهنجي
طرفان هيءَ دعا آهي ۽ سڀني جهان وارن جي طرفان آمين آهي.

بقلم عبده عبدالوحيد عفي عنه

# امام العارفين حضرت آغا حاجي غلام علي جان سرهندي مجددي قدّسَ سِرّہٗ

ڪردار تنهنجو جنهن ڏٺو نورِ هديٰ ڏٺو
گفتار تنهنجي جهن ٻڌي قولِ نبي ٻڌو
پيشاني تهن جي جنهن ڏٺي مَاھ ضيا ڏٺو
رخ پاڪ تهنجو جنهن ڏٺو نُورِ خدا ڏٺو

(عبدالعزيز عزيز ڏوڪريوالہ)

اعليٰ حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي مُجدّدي جو پوٽو ۽ حضرت سائين شاھ آغا سرهندي قدس سره جن جو فرزند حضرت صاحبزاده سائين آغا حاجي غلام علي جان ٢١ ربيع اول ١٣٣٤ هجري درگاھ ٽنڊو سائين داد ۾ تولد ٿيا ۽ سندن تاريخ وصال ٢٥ شعبان ١٣٩٧ هجري مطابق ١٢ آگسٽ ١٩٧٧ ع آهي.

هن صاحبزاده جي ڄمار نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي سنت مطابق ٦٣ ورهيہ هئي. پاڻ ڄمندي ڄام تارڪ الدنيا قائم الليل ۽ صاحبِ طريقت هئا. ديني تعليم ۾ ڪين اها حدِ ڪمال خوش نصيبي حاصل ٿيل آهي جنهن جو مثال ئي شايد مشڪل هجي. استاد العلماء وزبدة الفضلاء مولانا حافظ حاجي ميان لعل محمد صاحب متعلوي جيڪو وڏو برگزيده جيّد متبحّر عالم هو ۽ هندستان جي حڪمرانن جو سرڪاري صلاحڪار بہ هيو، ان حضرت صاحب وڏن سائين خواجہ محمد حسن جان سرهندي، سندن فرزند سائين شاھ آغا سرهندي جن جو استاد هيو. انهيءَ ساڳي استاد حضرت سائين آغا غلامِ علي جان کي عربي علم پڙهايو. اها ڪيڏي نہ سعادت مندي آهي جو اهڙي

استاد جو فيض حاصل ٿئي جنهن وٽ پيءُ ڏاڏو بہ پڙهيو هجي. حضرت صاحبزاده صاحب ماڻهن کان دور خلقت کان پاسي پهلوتهي ڪريو، بنگلہ پنيان هڪ ڪچي ڪوٺي هوندي هئي جنهن ۾ ڪتب خانہ ۽ ڪجهہ طبي شغل اشغال جا ساز سامان موجود هوندا هئا. اتي ويٺا هوندا هئا. بزرگ جي خاموشي ۽ سادگي جي اها حد هوندي هئي جو سڄو سڄو ڏينهن ڪنهن سان ڪونہ ڳالهائيندا هئا. رڳو ماٺ ئي ماٺ ۾ سندس ڳاڙهن نوراني ڳلن مان برقي تجلا چمڪندا هئا. نفي اثبات جي ذڪر کي انهيءَ اشتياق مالا يطاق سان مايہ ناز تي پهچايائون. اسان جو والد صاحب چوندو هيو تہ مون کي صاحبزاده صاحب پنهنجي زبان سان ٻڌايو هيو تہ مون ڏاڏا سائين جن جي زمانہ ۾ ئي نفي اثبات ٦٠ عدد تي پهچايو هو. باشريعت، اڇا ڪپڙا، نوراني چهرو، درميانو قد، ڪاري سُونهاري مبارڪ، جاذب اکيون، ڳاڙهو نوراني چهرو، صبر جي سمنڊ ۾ ٻڏل هي اهل الله بلڪل گوشہ نشيني جي زندگي گذاريندو هو. زهد ۽ عبادت، تقويٰ ۽ طهارت سان ڪين قلبي صفائي جو اهو ڪمال درجو حاصل هو جو هڪڙي ڀيري ننڍو سائين داد ۾ مون (حافظ بشير احمد) کي ٻڌايو هئائون تہ بابا! آئون هاڻي اڪثر بيمار ٿو رهان. گهڻ کاڌي کائڻ سان نظامِ هضم غلط ٿئي ٿو، اعتدالي تناول سان ذڪر اذڪار جو لطف حاصل نٿو ٿئي. جڏهن آئون جوانيءَ ۾ تندرست هوندو هوس تہ منهنجي اڳيان جيڪو شخص ايندو هو تنهن جي سينہ جي راز جي مون کي پروڙ پئجي ويندي هئي. اهڙيون ولايت جي سالڪن کي منزلون طريقت جي راهہ ۾ پيش اينديون آهن. ڪشف القلوب جي عروج کان سالڪ جڏهن ٽپي رضا الاهيءَ جي بحر ۾ پهچندو آهي تڏهن ڪيس اهي عروج بيڪار نظر ايندا آهن. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي وقت ۾ درگاهہ شريف ۾

امامت فرمائيندا هئا. جواني جي زماني ۾ پاڻ پنهنجي والدين سان گڏجي حرمين شريفين ويا هئا. جنهن سفر ۾ موٽندي جده شهر ۾ سندن والده صاحبہ جو انتقال پُر ملال ٿي ويو. پورن چاليهن سالن کان پوءِ ٻيو ڀيرو عمره شريف تي تاريخ ١٥ جولاءِ ١٩٧٧ع مطابق ٢٩ رجب ١٣٩٧ هجري خميس ڏينهن سعودیہ عربیہ آيا. سائڻ برادرم محمد منير ۽ حاجي ڪريم بخش جتوئي هم رڪاب هئا. انهن ڏينهن ۾ آئون به عمره جي ويزا تي ٻن ڇئن مهينن کان مڪہ شريف ۾ رهندو هوس. آئون جڏهن حضرت صاحب جي زيارت لاءِ بيت الله شريف ۾ پهتس ته ڪين توحيد جي راز ۾ گم ۽ حب الاهيءَ ۾ مَحوِ ڏٺم. پاڻ باب مجيد کان ڪعبہ ڪريم ۾ اکيون پايو دوزانو با ادب ويٺا هئا. سندن نيڻن ۾ پرت ۽ پيار جا پيالا ڇلڪي رهيا هئا. "مازاغ البصر وما طغي" وانگر بيت الله شريف مان ٻاهر اک ڪانه ٿي ڦيراياٺون.

پاڻ مڪہ پاڪ ۾ فندق (هوٽل) عبدالعزيز خوقير جي ١٢ ماڙ هوٽل ۾ فقط ٢ ڏينهن ترسيا. چوٿين منزل تي سندن ايئرڪنڊيشن ڪمرو هو جنهن ۾ مون به ٻئي ڏينهن سندن خدمت ۾ حاضري ڏني. پوءِ جلد ئي مدينہ عاليہ روانہ ٿي ويا. مون کي حڪم ڏنائي ويا تہ ١٥ شعبان ١٣٩٧ هجري جيڪا شب برات ايندي تون بہ مدينہ عاليہ اچي اها عيد اسان سان گڏ ملهائجانءِ. حڪم موجب ١٢ شعبان ١٣٩٧هجري خميس ڏينهن آئون عشاء نماز کان بعد وڃي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس. سائين جن رباط حضرت ابوايوب انصاريءَ ۾ جيڪا باب جبرائيل کان قريب آهي، ان ۾ ترسيل هئا. مون زيارت ڪئي ۽ چند سعادتون نصيب ٿيون. مثلاً مدينہ پاڪ، سرڪارِ مدينہ جي روضئہ اطهر جي بلڪل قريب، رياض الجنة ۽ حيات النبي جي دربار پر انوار، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جو پوٽو موجود، واقعي

اهڙا موقعا ڪڏهن ڪڏهن هٿ ايندا آهن.

حق پاڪ داد مارا دو عيد در حيات

اول ورود ذاتش ثاني شبِ برات

ترجمه: اسان کي الله پاڪ حياتيءَ ۾ ٻه عيدون فرمايون. هڪڙو حضرت صاحب جن جو ورد (منزول) مسعود ۽ ٻي شب برات (يعني ١٥ شعبان)

تاريخ ١۴ شعبان ١٣٩٧هجري ڇنڇر ڏينهن حضور ۾ ويٺا هئاسين. سيد غلام جهانيان شاه به موجود هو. حضرت قبله صاحب جن جو چهرو عشقِ رسول جي آتش ڪري ڳاڙهو ڳاڙهو لعل هو. حضرت انصاري جي رباط ۾ سائي دريءَ کان گنبذ خضراء جي ديدار دل نثار کان اکيون ٺري رهيون هيون ۽ مدينه طيبه جي دل گهائيندڙ منڙي هوا دماغ کي خوشبوءِ جي ڪڪرن سان معطر ڪري رهي هئي. سنڌ جي هڪ چوٽياري شاه صاحب جي دعوت کائڻ کان پوءِ عصر جي نماز تي حرم پاڪ پهتاسون جتي پاڻ فرمايائون: اڄ عيد شب برات آهي، مون لاءِ هڪ سؤ ريال جي مٺائي وٺي اچو ته آئون حرم شريف ۾ خيرات ڪريان.

ان موقعه تي عشا نماز کان پوءِ اسين حضرت صاحب سان گڏجي باب السلام جي پير ۾ ويٺا آهيون، رات جو تقريبًا اڌ حصو گذري چڪو آهي، خاموشي ئي خاموشي آهي. فقط روضه اطهر جا ڪي چوڪيدار پوليس اهلڪار اسان جي پرسان صبر ۽ آرام سان بيٺا آهن. مون کي سائين جن ٽي ڀيرا سوره يس شريف پڙهڻ جو حڪم فرمايو آهي. برادرم محمد منير سائين شاه آغا واري مناجات پڙهي ۽ پاڻ ٣ ڀيرا دعاء شب برات پڙهائون. اها رات دنيا وما فيها جي نعمتن کان بالا و برتر هئي. ١٥ شعبان ١٣٩٧ه کان بعد آئون واپس مڪه

مڪرمہ پهتس. پاڻ بہ ٢ ڏينهن ڪان پوءِ اچي بلدة طيبہ پهتا. ٢٠ شعبان ٩٧ هجري جمع ڏينهن مڪي پاڪ جي زيارتين لاءِ تيار ٿياسين. سائين جن سان گڏجي حرم شريف ڪان ٽيڪسيءَ ۾ چڙهياسين. اول اول جبل نور وٽ هليا. نفل پڙهي دعائون گهريائون پوءِ جبلِ ثور جي زيارت ٿي. بعد ۾ ساڳي سواريءَ ۾ منيٰ. مزدلفہ ڪان ڦرندا عرفات تي وياسين جتي جبلِ رحمت تي هلي ويٺا. حاجين جي ايتري پيهہ ڪانہ هئي. فرصت جو موقعہ غنيمت جو هيو. سائين جن پاڻ ڏاڏي آدم عليہ السلام جي مقام تي نفل پڙهي رهيا هئا. اسان بہ سائن گڏ نمازون پڙهيون. اهو سفر نهايت متبرڪ هو. برادرم محمد منير تہ چئي پيو يار حج تہ هاڻي ٿي ڪري ڇڏيوسين. وري حياتي الائي ڇا، موتي اچون الائي نہ.

تاريخ ٢١ شعبان ١٣٩٧ هجري سائين واپس وطن روانا ٿي ويا. ڳوٺ پهچڻ شرط ٣ ڏينهن ڪان پوءِ ٽنڊو الهہ يار طرف روڊ جي حادثہ ۾ حضرت صاحب سائين آغا غلام علي جان جامِ شهادت نوش ڪري هن فاني جهان مان منتقل ٿي وڃي پنهنجي ڀيءُ ڏاڏي جي پاڙي ۾ آرامي ٿيا. انا لله وانا اليه راجعون.

ولر ويا وهي ڪالهہ تنهن جا ڪونجڙي
ڪنديءَ ڪوهہ رهي سَرَمِ سُپرين ريءَ

(شاهہ صاحب)

انهيءَ دڪدائڪ خبر مون کي مڪہ پاڪ ۾ وڏو صدمو پهچايو جنهن ڪان متاثر ٿي مون ان وقت هڪ تاثر لکيو.

وهو هذا از مكة المكرمة ٧٧ ,٧ ,١٨

سنڌ مان هيءَ دل ڏاريندڙ ۽ جگر چيريندڙ خبر پهتي تہ حضرت آغا غلام علي جان سرهندي صاحب شهيد ٿي ويا. هو تہ وڃي پنهنجي

ٻيءَ جي پير تي پير رکي، ابن ڏاڏن جي ڪچ ۾ آرامي ٿيو، پر پس ماندن کي هجر جي فراق ۾ ملائي ويا.

شايد مدينہ عاليہ ۾ امام العادلين حضرت عمر فاروق رضہ سندن ڏاڏي کي سائين جن جي ادب ۽ عشق واري ڪچهري بيحد مرغوبِ خاطر بني لهذا کين شهادت جو شربت احمر پياري جلد گهرايو ويو. پوٽا تہ حضرت فاروق کي هزار هوندا پر هي عشق جو پروانو جنهن هڪ هڪ رات ۾ ٽي ٽي لک اسم ذات پڙهيو ان جو لعل چهرو ۽ سيني ۾ عشق جو ڪورو ايڏو تہ پسند آيو، جو کين پاڻ ڏانهن گهرائي ورتائون.

ها سائين عمره ۾ لکن ڪروڙن ڪيا، تنهن جا ابا ڏاڏا ٻہ هتي سال گذاري وياپر چاليهن سالن کان پوءِ ڇو حضرت امير عمر رضہ تو عاشق صادق کان هٽ هٽ مان نہ ٽي ڪديو.

يا فاروق اعظم توکي تہ پنهنجي پوٽي جي محبت هئي، تنهن ڪري ان کي پاڻ وٽ گهرائڻ لاءِ جلدي فيصلو ڪرايو پر پوين جي زبان تي هي رهجي ويو تہ:

وڻجارا ويچارا ويا ڇني سگ سندام
ائين ڇڻي چڪام تہ اسان اڃڻ ايترو

(شاهہ صاحب)

هن مجدد الف ثاني ثاني جي دادلي دلبر جي اڃا هتي گهڻي ضرورت هئي. سنڌ جي زنگ آلود دلين کي ڌوئڻ لاءِ سندن چهره انور جي نوري ضيائيءَ جي اڃا گهڻي گهرج هئي.

يا الله!..... سائين آغا غلام علي جان شهيد تنهنجو عابد زاهد..... عاشق صادق..... قائم الليل..... صائم الدهر ٻانهو هو، پوريءَ ڄمار ۾ سندس زبان تي فقط تون ئي تون جي وائي هئي، تنهن کي پنهنجي آبائي اجدادي سونپيل مريدن تي ماڙ ڪرڻ لاءِ ڪجهه ته مهلت عطا ڪرين ها پر تنهنجي مشيت ائن ڪري اهو صحيح ڪيو جو هڪ طرف حضرت صاحب تنهنجو پيارو ولي الله هو ته ٻئي پاسي ڪيس پنهنجي پيءُ جي محبت جا درياهه وهندا هئا. اهڙو ٻه ڪو پٽ هوندو جو پنهنجي پيءُ سان والهانه عشق ملهائي موت ۾ اهڙو حاصل ڪري جيڪو سندس والد صاحب ساڳي نموني ورتو هو.

اي سرهندي صاحبزاده! تون ته لڳ ڀڳ پورو وقت مقبره شريف تي وينئي پيءُ سان پيار جون ڳالهيون ڪندين هئين، تنهنجي لاءِ جيڪو مدينه سرڪار جي دربار ۾ شرابا طهورا جو پيالو تيار ٿيو، انهيءَ جي پيڻ لاءِ سائين شاه آغا شهيد ٻه تڪڙ ڪئي ها! انهيءَ واقعي درد جي ڳاريل ڪافور جهڙي جان کي شربت شهادت جي پيڻ جو ذائقو شيرين تر محسوس ٿيو هوندو تنهن ڪري تو لاءِ ٻه عجلت کان ڪم ورتو ويو. اي چهره انور...! اسان کي اهو ٻڌاءِ ته ڪعبة الله جي زم زم واري ڪاسه ۾ مزو هيو يا انهيءَ شهادت جي شربت ۾ لطف؟ ها ضرور اهو مشروب افضل هوندو جو ته هڪ طرف مدينه عاليه جا درباري اراڪين سامهون هوندا، ٻئي طرف سائين شاه آغا شهيد پيالو هٿ ۾ ڪنيو بيٺو هوندو ۽ ٽئين طرف کان سرڪارِ مدينه جي پاسي حضرت سائين خواجه محمد حسن جان قدس سره مرڪي اشارا ڪندا هوندا ته پٽ! هاڻي جلدي پيالو پي وٺ جو هيءُ مهل تو لاءِ موزون آهي.

ڇا ڇاليهن ورهين کان پوءِ توکي پنهنجي مادرِ مشفق جي مزار تي ان لاءِ کهرايو ويو ته هن دنيا کي جلدي ڇڏي وڃو؟

اي سرهنديءَ خاندان جا چمڪندڙ ستاره! تنهنجي قضا ۽ قدر ايترو هو جنهن لاءِ ڪنهن جو بہ وس ڪارگر نہ ٿي سگهي ها. باقي تنهنجو خاص خادم محمد منير قدوم ميمونة لزوم ۾ لا محال لڙڪيل هوندو جنهن کي تو مڪو ۽ مدينہ ملائي هميشه لاءِ ڏار ڪري ڇڏيو. برادرم محمد منير جي ساڻن بي انتها عقيدت هئي. اهو جدائي جو سور سهي نہ سگهيو ۽ فقط ٿورو عرصو حيات رهي... تاريخ ١٦ ذوالقعد ١٣٩٧ هجري مطابق ٢٩ اڪتوبر ١٩٧٧ع ۾ گذاري ويو ۽ وڃي رفيق شفيق سان هم رفيق ٿيو.

اڄ نہ اوطان ۾ سندي جوڳين ذات
ساري سناسين کي رنم ساري رات
مون جنين جي تات سي لاهوتي لڏي ويا.

(شاهہ صاحب)

# ديني علم قرآن وسنت جي روشنيءَ ۾

علم پروردگار عالم عزوجل جي وڏي نعمت آهي. هن نعمت عظميٰ جي خبر انهن کي هوندي جيڪي ان نعمت کان محروم آهن. علم جي ڪري انسان جي اندر واريون اکيون کلنديون آهن ۽ ان کي حقيقت ۽ معرفت واريون واٽون نظر اينديون آهن جنهن جي سيني ۾ علم آهي اهو ائين آهي جيئن آسمان ۾ سج. علم جي آڌار تي عقل ۽ فهم ۾ واڌارو ٿيندو آهي پر علم سان گڏ عمل ضروري آهي ۽ عمل کونهي ته اهو ائين آهي جيئن وڻ هجي پر ان ۾ ميوو ئي ڪونه. انسان ڀلي هزارين ڪتاب جوڙي تيار ڪري پر جيستائين ان ۾ عمل پيدا نه ٿيندو تيستائين اهو الله جي رحمت جو مستحق نه ٿيندو. جيئن ارشاد رباني آهي؛ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا. جنت جي داخلا ۾ ايمان ۽ عمل صالح تي منحصر آهي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن پاڪ ۾ علم عمل جي ترغيب وارد ٿي آهي. عمل صالح لاءِ علم رهنمائي ڪندو آهي ان ڪري عالم جو رتبو زياده آهي ڇاڪاڻ ته اهو علم جي نعمت سان مالامال هوندو آهي ۽ حق ۽ باطل جي پرک آساني سان ڪري سگهندو آهي. جيڪو عالم خداوند ڪريم جي رضا جوئي لاءِ علم جي تحصيل ڪري ٿو ته ان جو اجان به وڏو درجو آهي. اهڙي عالم جي قرآن وسنت ۾ وڏي تعريف آئي آهي. قرآن ڪريم مان معلوم ٿئي ٿو ته الله جي ٻانهن ۾ سڀني کان گهڻو عالم کي خدا جو خوف ۽ خشيت رکندو آهي. جيئن ارشاد رباني آهي؛ إِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَاءُ. اهي ملڪ ۽ شهر خوش نصيب آهن جن ۾ خدا تعاليٰ جا خائف عالم موجود آهن زمين تي عامل عالم ائين آهن جيئن آسمان ۾ ستارا. ستارا آسمان جي زينت آهن ته وري عالم سڳورا زمين جي زينت آهن. جنهن جاءِ تي ڪو زاهد عالم ڪونهي ته

اهو ان علائقي لاءِ قدرتي عذاب آهي. احاديث شريف ۾ عالم جون وڏيون ڀلايون بيان ٿيون آهن. عالم جي ننڊ جاهل جي عبادت کان بهتر آهي، عالم جيڪي سبق پڙهائي ٿو. اهي تسبيح جو درجو رکن ٿا. اهو الله جي رضا خاطر جيڪو بحث ڪري ٿو اهو ان جو جهاد آهي ۽ تعليم جي خاطر جيڪي ڪتاب خريد ڪري ٿو اهو ان جو صدقو آهي. حديث مبارڪ ۾ آيوآهي ته قيامت ۾ عالم جي مس ۽ شهيد جو رت توريا ويندا ته ٻئي وزن ۾ برابر ٿيندا. حديث مبارڪ ۾ آيو آهي ته جنهن سان رب جليل راضي ٿيندو آهي ته ان کي دين جي سمجهه ۽ علم عطا فرمائيندو آهي. حديث ۾ آهي ته عالم نبين سڳورن جا وارث آهن. نبين سڳورن ميراث ۾ درهم ۽ دينار ڪو نه ڇڏيا آهن ۽ انهن صرف علم جي ميراث ڇڏي آهي. جنهن شخص علم جي تحصيل ڪئي ان گويا انبياءِ ڪرام جو ورثو حاصل ڪري ورتو.

عالم ۾ جيستائين ٽي خصلتون پيدا نه ٿينديون تيستائين اهو عالم جو رتبو حاصل نه ڪري سگهندو. اهي هن طرح بيان ڪيون ويون آهن:

(١) پاڻ کان گهٽ واري ماڻهو کي نه ڌڪاري.

(٢) پاڻ کان مٿي واري ماڻهو سان ساڙ ڪينو نه رکي.

(٣) علم کي مال ۽ دولت گڏ ڪرڻ جو ذريعو نه بڻائي.

# ديني علم جي فضيلت

حضور ﷺ جن ارشاد فرمايو ته آءٌ علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي. ڪن ماڻهن جڏهن اها حديث ٻڌي ته انهن سوچيو ته حضرت علي المرتضيٰ ڪرم الله وجهه جو امتحان وٺون ۽ ڏسون ته اسان ڪي سوالن جو جواب ڏئي مطمئن ڪري ٿو يا نه؟ انهن جا ڏهه وڏا سردار آيا. هڪڙي سوال ڪيو: "علم ڀلو آهي يا مال؟" حضرت علي ڪرم الله وجهه جواب ڏنو ته علم مال کان افضل آهي. هن وري پڇيو ته ان جو دليل ڪهڙو آهي؟ حضرت حيدر ڪرار ارشاد فرمايو ته علم انبياء ڪرام جي ميراث آهي ۽ مال قارون، شداد ۽ فرعون وغيره جي ميراث آهي. اهو جواب وٺي اهو هليو ويو. ٻيو ماڻهو آيو هن به اهوئي سوال اٿاريو. حضرت علي ارشاد فرمايو ته علم مال کان افضل آهي. هن پڇيو ته ڪيئن؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته علم توهان جي حفاظت ڪندو آهي ۽ مال جي توهان حفاظت ڪندا آهيو. اهو ماڻهو به هليو ويو. آيو ٽيون شخص هن به اهوئي ساڳيو ئي سوال ورجايو. حضرت علي ارشاد فرمايو ته علم مال کان افضل آهي. هن پڇيو ته ان جو دليل؟ حضرت علي فرمايو ته مالدار جا گهڻا دشمن هوندا آهن جڏهن ته علم واري جا دوست گهڻا هوندا آهن اهو به جواب ٻڌي هليو ويو. ان کان پوءِ آيو چوٿون شخص. حضرت علي هن کي ٻڌايو ته علم مال کان افضل آهي هن پڇيو ته ان جو ڪهڙو دليل آهي؟ حضرت علي ارشاد فرمايو ته مال کي خرچ ڪيو ويندو ته اهو گهٽجي ويندو ۽ جڏهن علم کان ڪم وٺبو ته اهو وڌيڪ وڌندو. اهو ماڻهو به موٽي ويو هاڻي آيو پنجون. هن به اهو سوال ڪيو. پاڻ ارشاد فرمايائون ته علم مال کان افضل آهي هن سوال ڪيو ته اهو ڪيئن؟ حضرت علي ارشاد فرمايو ته مال واري کي شوم ۽ بخيل سڏيو ويندو

آهي ۽ علم واري کي عزت ۽ آبرو سخي سان سڏيو ويندو آهي. اهو ٻه هليو ويو ڇهون ماڻهو آيو هن ٻه اهو سوال ڪيو. پاڻ فرمايائون علم مال کان افضل آهي. هن پڇيو ان لاءِ ڪهڙو ثبوت آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته مال کي چور کان لڪايو ويندو آهي ۽ علم کي چور کان ڪونه لڪائبو آهي. اهو ٻڌي اهو ٻه هليو ويو. ساتون آيو ستون شخص. هن ٻه اهو سوال ورجايو. حضرت علي فرمايو: علم مال کان افضل آهي هن پڇيو ته اهو ڪيئن؟ حضرت علي ارشاد فرمايو ته قيامت جي ڏينهن مالدار جو حساب ڪتاب ٿيندو ۽ علم وارو قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندو. اهو ٻه هليو ويو. هاڻي آيو اٺون ماڻهو. هن ٻه اهوئي سوال ڪيو. پاڻ ارشاد فرمايائون: ته علم مال کان افضل آهي. هن پڇيو ته ان جو ڪهڙو دليل آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته مال گهڻو وقت پيو هوندو ته ڪسي پراڻو ٿي ويندو جڏهن ته علم نه ڪسي نه پراڻو ٿئي. اهو ٻڌي اهو هليو ويو. نائون شخص آيو ۽ هن ٻه اهوئي سوال ڪيو. حضرت علي ٻه اهوئي جواب ڏنو. هن پڇيو ته ان جو ڪهڙو ثبوت آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته مال دل کي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ علم دل کي منور ڪندو آهي. اهو جواب ٻڌي اهو ٻه هليو ويو هاڻي آيو آخري ڏهون شخص هن ٻه اهوئي سوال ڪيو ۽ حضرت علي هن کي ٻه اهوئي جواب ڏنو. ان تي اهو پڇڻ لڳو ته اهو وري ڪيئن؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته مال وارو شخص فخر وڏائي ۾ اچي خدائي جو دعويٰ ڪري ويهندو آهي ۽ علم وارو شخص عبوديت ۽ بندگيءَ جو اظهار ڪندو آهي اهو ٻه هليو ويو هاڻي حضرت ڪرم الله وجهه ارشاد فرمايو ته جيستائين آئون زنده آهيان برابر پيوئي جواب ڏيندو رهندس. انهن ماڻهن کي مجبور ٿي اطاعت ۾ سر جهڪائڻو پيو.

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده ونصلي ونسلم علىٰ رسوله الكريم

# مناجات

## حضرت سيدنا صديق اكبر رضي الله عنه

يا الٰهي لطف ڪر ٿون، عمل ٿيا مون وٽ قَلِيلُ،
در تنهنجي تي پيش آيس بي ثمر ۽ بي دليل.
حَال مُنهنجو ڪهڙو آهي، نيڪيُون ناهن گهٽيون،
ٿيا بُرا اعمال بيحد، بخش ڪر تون يا جَلِيلُ.
منهنجي طرفان ڏوهه ۽ غلطيون سدائين ٿيون ٿين،
تنهنجي طرفان فضل ۽ احسان بيحد يا جَلِيلُ.
ٿيون وڏيون منهنجون خَطَائون بخش ڪرسي جلد تون.
آهيان مِسڪين خاطِي ۽ ٻانهون عاجز يا جَلِيلُ.
مَرض ڪان مَعافي ملي ۽ حاجتون پوريون ٿين،
دل منهنجي بيمار آهي، تون شفا ڏي يا جَلِيلُ.
حُڪم تنهنجي سان ٿڌي ٿي باهه ابراهيم تان،
مُنهنجي حَق ۾ ٻَاهه دوزخ پڻ ٿڌي ڪر يا جَلِيلُ.
واريءَ جي ذرن مثل منهنجا گناهه آهن گهڻان،
معاف ڪر سارا گناهه ۽ درگذر ڪر يا جليل.

بهشت ڏئي مون کي عطا ۽ خوف منهنجا دور ڏين،
ڏينهن قيامت ۾ ڪرم جي گهرج آهي يا جليل.

تون ئي شافي تون ئي ڪافي سڀ ڪمن ۾ آهين تون،
تون ئي ربي تون ئي حسبي تون ئي آهين يا جَلِيلُ.

ڪر عطا مون کي خزانا. گنج پنهنجي مان گهڻا،
دل منهنجي جا نيڪ مقصد پورا ڪر تون يا جَلِيلُ.

موسيٰ ۽ عيسيٰ ۽ يحييٰ نوح نبي سڀ ويا ڪيڏانهن،
در تنهنجي تائب ٿيو صديق عاجز يا جَلِيلُ.

عربي مان سنڌي ۾ منظوم ترجمون ڪندڙ:

عبدالوحيد سرهندي عفي عنه

ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

## بحضور حضرت سرور كائنات ﷺ

تُنهنجو نور آنور هو، نِقابَن جي وچ ۾.
خُدا پاڻ خَلقيو، حِجابَن جي وچ ۾.
اِها ڳالهه مَذكور حَديثَن ۾ آهي،
وڏِي مُعتبر تِي، كِتابَن جي وچ ۾.
اِنهيءَ نُور آنور مَان تِي تَخليق آهي،
خُدا جِي خُدائِي هُئِي، رَازَن جي وچ ۾.
تُنهنجو ذِكرِ اَعليٰ، سَين كان ئِي آهي
لِكيَل هِي بيَان تِيو، سِيپارَن جي وچ ۾.
وَظِيفُو آسَان جو صُبُحَ شَام آهي،
توهَان جو ئي نَالو، صَلوَاتن جي وچ ۾.
مَدح مُصطَفيٰ جِي، هِكِ اِعزَازُ آهي،
مِليو عبد كي هي، غُلامَن جي وچ ۾.

عبده عبدالوحيد سرهندي عفي عنه تنڊو سائينداد

# نعت شريف

## بحضور حضرت سرور كائنات ﷺ

اسَان جو پَاڪ پيغمبر، مُحمّد سَرورِ عَالم.
اسَان جو شَافع محشر، مُحمّد سَرورِ عَالم.
ڪري معراج جِسماني، وڃَي عرشِ مُعَلّيٰ تي،
مِلين اِختيَار رَحمَانِي، مُحمّد سَرورِ عَالم.
خُدا جِي پَاڪ هَستِي جو، تِيو دِيدَار عربيءَ کي،
آهي مَحبُوب سبحَانِي، مُحمّد سَرورِ عَالم.
عَطَا ٿِي کِين سَردارِي، نَبين ۽ رَسُولن جِي،
اِهو اِعزَازُ ربَانِي، مُحمّد سَرورِ عَالم.
خُدا جي مِهربانِي ٿِي، مهابي مِير مُرسَل جي،
مِليو هِي دِين لاَثَانِي، مُحمّد سَرورِ عَالم.
نَوازش جِي نَظر ڪُرجي، سَدَا هِن عَبد عَاجِز ڪي،
ڪَندو اِحسَان سُلطانِي، مُحمّد سَرورِ عَالم.

عبده عبدالوحيد سرهندي عفي عنه ٽنڊو سائينداد

بسمه سبحانه وتعالیٰ

# غزل توصیفي در مدح تاج الاولیاء حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي قدس سره العزیز

از قلم مولوي امام الدین مرحوم ملتاني مرید خاص حضرت خواجہ صاحب

(۱)

میڈا پیر ہے خواجہ محمد حسن - پڑھو نام جناب دا تیوي امن
ہے فخرِ ولیان دا نورِ خدا - کاملان دا ہے رهبر نورِ هدیٰ
عارفین سدا کرن در تي گدا - ڈیوي سبق عرفان دا وي شیرین سخن
وچ باغ مُجدّد سر و چمن - وچ ملک عرفان دي آهو ختن
مئي وحدت وچون ڈیوي جام لبن - جو کوئي پیوي تیوي شیر فگن
حضرت بحرِ عرفان دا خاص گوهر - کرن نظر کرم تیوي سون پتر
کتس روشن جگ مانند ماه بدر - زنده قلب کتس مثل شمس و قمر
دلڑي سخت علیل ہے زخم هزار - ڈیوو دار و دوا سائین هڻ لاچار
توهین روحي طبیب اي حبیبِ غفار - ڈیوو دوا تیوي چاک بدن
عاصي سگ دربان ہے قلب حزین - چُمان مرشد پاک دي پاک جبین
تیوي شرف زیارت روئي زمین - زنده قلب کرو پُچان موتِ وطن

# غزل توصيفي در مدح حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي مجددي

از قلم مولوي امام الدين ملتاني

(٢)

مين تہ عامل كامل پير ڏٺم - هک مهر منير ضمير ڏٺم

١- هے رحمت افشان سَحاب كرم
محتاج غريب دا باب كرم
سي ظلمت وچ مهتاب كرم
كاروان حجاز امير ڏٺم

٢- چشمان فيض الطاف دا جاري هے
تي قلب چمن دي بهاري هے
مشک ناک تئي دنيا ساري هے
عطر پاک گلاب عنبير ڏٺم

٣- غوث اقطاب عارف هے دور زمان
كانِ عرفان هے بيشک شاهِ جهان
ناقصان بے كسان دا هے دار الامان
هادي دين متين كبير ڏٺم

٤- وچ باغ وليان دي سرور چمن
موتي بحر عرفان دا هے لعلِ يمن
كان ملک افغان دا هے در ثمن
شاهي صدر نشين سرير ڏٺم

٥- وچ باغ مجدد نخل ثمر
میوي پاک کنون هے جهان پُرسَر
جنهن تي کیتس کرم دي اونهین نظر
روشن چشم هزار ضریر ڈٹم

٦- هے انکار کرامت رب دا غضب
جو نہ منے کرامت هے بُو لهب
اوهے دشمن رب دا اصل بي ادب
مین ہِکل بي ادب دي زنجیر ڈٹم

٧- هے مرشد پاک کریم صفا
سائل رب کریم دا کانِ عطا
لان موتي قاسم نورِ خدا
دیوانِ نبيِ دا دبیر ڈٹم

٨- درگاه شریف سائین داد عجیب
چشم فیض روان بحر تشنہ لب
میري دل وچ هردم تانگهہ طلب
نتِ خواب اندر اپٹا پیر ڈٹم

٩- مسکین مسافر هان رب دي قسم
ڈٹم شان قدر دا بلند عَلَم
چمان هردم پیر دي نیک قدر
دل عاجز عاصي اسیر ڈٹم

# افتتاح جامعه مجدديه جي موقعي تي چيل منقبت

## من جانب محمد نصير مهيسر ميهڙ وارو

خدا جي فضل سان تي ويا وڏا جنسار بسم الله
مدرسو درس دينيءَ جو جڙي تيو تيار بسم الله
مجدد الف ثانيءَ کان هلي ٿو فيض پيو هلندو
جيڪو پهتو هتي ٿي ويو آهي سرشار بسم الله
خواجہ محمد حسن سائينءَ کي اڄ پي تون ڪري ڏس سڌ
جهڙو نالو سندن تهڙي آهي دربار بسم الله
مبارڪ دست پنهنجي سان ڪيو افتتاح جن آهي
جڙيا آغا عبدالحميد جان سڄڻ دلدار بسم الله
مجاهد اهلسنت جا خدا خضري حياتي ڏيئي
آغا عبدالوحيد جان منا منثار بسم الله
ڪريو ٿا دين جي خدمت خدا جي خوشنوديءَ لاءِ
اشاعت ڪئي ڪتابن جي اٿو دلدار بسم الله
ٽنڊي سائينداد تي فضلِ خدا رهندو آيو آهي
وسي مجدديه دارالارشاد وسي هيءَ پارُ بسم الله
پهچي ويا مُلڪ پوري مان هتي ٽولا مريدن جا
ڪرم سان ڪل مريدن کي ڪندا هو پارِ بسم الله

اسان لاءِ عيد اڄ آهي سڄڻ جي ديد اڄ آهي
ٺري پيا نيڻ سائين جا ٿيا ديدار بسم الله
منهنجي مرشد جي درگاهه تي پري آ حاضري جن جن
انهن جا ٿي ويا ڪلئبي هتي ڪم ڪارِ بسم الله
ڪيو ميلاد مدنيءَ جو آقا آيا هن محفل ۾
سندن جي مشڪ جي آ ٿي وئي مُهڪار بسم الله
آيا عالم هلي حافظ مبارڪباد هر ڪنهن کي
شهر آ اوليائن جو ٿيا چمڪار بسم الله
منهنجي ڪکڙن تي قربن سان گهمائي پير ويئو پنهنجا
هُيو گڏ حافظ عزيز الله خدمت گار بسم الله
پري جهوليون هتئون هلندا اسان پارا اوهان پارا
دعائن سان ختم ٿيندا برهه جا بارَ بسم الله
حڪم ٿيو حاضريءَ خاطر هلي آيو آ نالي مٺو
مهيسر پياري موقعي تي پڙهيا اشعار بسم الله

# مخلصانہ منقبت

## از قلم قاضي عزيز الله عزيز مهيسر

درسگاھ دين کي کيو تيار سائين عبدالوحيد
افتتاح سائين وڏي کيو اڄ اسان لئي آهي عيد

(۱) سبق سائين شاه آغا عشق جو ٽس پاڙهيو
شفقتِ نبوي سان مرشد سائين آ سينگاريو
جو تہ منهجي محب جي آ روضۂ اطهر منجھ ديد

(۲) علم ظاهر جو پڙهيا، مفتي عزيز الله وٽ
معرفت جا علم مليا سڀ رسول الله وٽ
گيت ڳائي خوش ٿيا آهن ادا سيئي مريد

(۳) خواجہ صاحب جن جي روحن کي مُبارڪ باد آ
۽ مجدد الف ثاني جي اڳيان فرياد آ
دُعا ڪريو سائين پلارا، موقعو آهي سعيد

(۴) مرحبا صد مِرحبا فاروق اعظم جا پچا
پنهنجي ڏاڏي سائين جي ڪريو پيا سُنت ادا
منهنجي آقا هُو خدا کان کيو عُمر عادل خريد

(۵) دُعا جي خاطر در اوهان جي ايندو حافظ آهي پيو
مون کي منهنجي بابي سائين هيئن هو فرمائيو
بابي ڏاڏي سائين جي بخشش جي لئي ڏيو نويد

(٦) بابي ڏاڏي کان وني خادم اوهان جو آ عزيز
قاضي لطف الله ثاني کي کيو پنهنجو عزيز
بي مون کي دنيا ۽ دولت کون ٿي گهرجي مزيد

# جشن دستار فضيلت 6 نومبر 1986ع
# جي موقعي تي چيل اشعار

من جانب؛ حاجي غلام نبي مهيسر ميهڙ وارو

اڄ ٽنڊي سائينداد تي الله جو امدادُ آ
جو تہ هت حضرت عُمر فاروق جو اولاد آ

(١) هڪ تہ هن جاءِ تي خدا جي دوست جي دربار آ
پيو سندن ٻچڙي ٻڌي هيءَ دين جي دستار آ
بارڪ الله چئو بزرگن کي مبارڪ باد آ

(٢) خير خوبيءَ سان ٿيون ٿوَ متهنجا مرشد مهربان
من مرادون پوريون سائين آغا عبدالحميد جان
حفظ سان گڏ علم ديني يارَ کي سڀ ياد آ

(٣) دائمان دستار پهري ڪئي آ آغا جان عيد
رات صاحبزادي سهڻي واه ميان عبدالوحيد
خاص موقعي تي پڇي ويو لوڪ لا تعدادُ آ

(٤) ربُ امام رباني صاحب تي سدا رحمت ڪري
تون مجدد الف ثاني ڇڱ تہ منهنجي دل ٺري
فيض جو اعليٰ رکيو سچڻ سنگ بنيادآ

(۵) چاھہ مان چاچن ۽ مامن آ سجايو آستان
سائين آغا سعيد جان ۽ سائين آغا فاروق جان
آغا ابراهيم جان بہ جيئن ڏسو تيئن شاد آ

(٦) شهزادي تي شال ٿيندو رحم رب رحمان جو
رنگ ڏيکاريندو ڏاڏي شاھہ آغا جان جو
رب کي جُملي فقيرن جو اهو فرياد آ

(٧) خواجہ سائين محمد حسن ۽ سمورا اولياء
تواسان جو کم اچڻ ڏيندا اجورا اولياء
اهلسنت والجماعت جو اهو اعتقاد آ

(٨) ميان عزيز الله آيو اچ کري احسان آ
گڏ اويسي صاحب ۽ مولوي محمد عثمان آ
خاص موري مان هلي آيو سندن استاد آ

(٩) جلسي جي سينگارجڻ جي تو کئي ڪوشش ڪُلئي
صد مبارڪ اي خليفا مولوي محمد علي
ان اوهان جي پيارڪي چئبو ٻڌي اتحاد آ

(١٠) تو ڏسان ماڻهو هزارين سنڌ بلوچستان جا
سنڌ بلوچستان ڇا پر پوري پاڪستان جا
سي اچي ويا جن کي آقا جو ڪيل ارشاد آ

(١١) ويجهڙا يا ڏور وارا جي پڳا پنڌڙا ڪري
سڀ سياڻي صبح جو هلندا هتئون جهوليون ڀري
هر بشر انشاء الله هر عيب کان آزاد آ


(١٢) خادمن ۾ خاص خادم شان وارو شخص آ
قابلِ تعريف ميان حاجي ڪريم بخشِ آ
رئيس تي رب پاڪ ۽ مرشد مِٺي جو راز آ

(١٣) بزرگن کان برڪتون حاصل ڪرڻ ڪجهه بحر مان
آ غلام نبي مهيسر آيو ميهڙ شهر مان
خاص موقعي ساڻ گڏ محبوب جو ميلاد آ


# مناجات برائي جامعه مجدديه

يا الاهي عرض هي منظور ڪر
مدرسو مرشد سندو مشهور ڪر
پير سائين دلربا عبدالوحيد
دين دنيا ۾ سدا مسرور ڪر
سنڌ ۾ گادي سندن قائم رهي
ڳوٺ سائينداد سارو نُور ڪر
سائين رکي آهي اداري جي اساس
فيض سان ماڻهو هتان ڀرپور ڪر
شوق مان طالب اچي تحصيل ڪن
ڏک ۽ ڏولاوا انهن جا دور ڪر
نقشبندي سلسلو رک اوج تي
ذڪر ذاتي سان دليون معمور ڪر
اهل سنت جو رهي ثابت اثر
جابجا جاري سندن منشور ڪر
سنڌ ساري علم سان روشن رهي
ملڪ جا ماروئڙا ماجور ڪر
عام ٿئي قرآن جي تعليم هت
شغل شيطاني تون چڪنا چور ڪر
پاڪ پرور! ڏي اسان کي تون خلوص
ماسوا جيڪي وهم مڪسور ڪر
التجا مقبول جي مولا اگهي
ڪين تون ڪنهن جي اڳيان مجبور ڪر

مير محمد مقبول سومرو هنگورجائي



جَامِعہ مُجدّدیہ دَارُالارشَاد، ٽنڊو سائينداد جي خوبصورت نئين بلڊنگ



جَامِعَۃ مُجَدّدیّہ دَارُالارْشَاد (نئین بلڈنگ) جوخوبصورت مین گیٹ

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده ونصلي ونسلم على حبيبه الكريم

# مناجات بدرگاهِ مجيب الدعوات

يا الٰهي رحم ڪر تون، مصطفیٰ جي واسطي،
صِدِيق ۽ فارُوق ۽ عُثمان، عَلِي جي واسطي.

دِين ڏي ايمان ڏي ۽ عاقِبت محمود ڪر،
حسنين ۽ عمين ۽ بِنت النبي جي واسطي.

مُشڪِل سڀئي آسان ڪر ۽ خاتمون بِالخير ڪر،
سڀني صحابن تابِعن ۽ صالِحن جي واسطي.

رک سلامت مُلڪ کي ۽ "سِنڌ" کي آباد ڪر،
پنهنجي پيارن عابِدن ۽ زاهِدن جي واسطي.

اِلتجائون عبد جُون، مولیٰ سڀئي مقبول ڪر،
حضرت مُجدّد الف ثاني اولِياء جي واسطي.

من جانب:

عبدهٗ عبد الوحيد سرهندي

14-12-2001